## ساس سٽي سکر.ڪام

# پت مئن شارٽ هئينڊ نيو ڪورس

## ليکڪ : حبيب سنائي

## ڊجيٽل پبلشر

سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽِي سکر

www.ebooks.sascitysukkur.com

# چيف ايڊيٽر



# عبداللطيف انصاري

0333.7146119

# هي ڪتاب، سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ادبي سائيٽ

# وائيس آف سنڌ ڊاٽ نيٽ

## جي ٽورن سان پيش ڪجي ٿو.

## www.voiceofsindh.net

# مترجم پاران تعارف

## انگريزي يا پٽمئن شارٽ هئنڊ ڇا آهي؟

شارٽ هئنڊ انگريزي ٻولي کي لکڻ جو هڪ ٻيو طريقو آهي، جنهنکي هڪ انگريز بنام آئزڪ پٽمئن 1837ع ڌاري ايجاد ڪيو. شروع ۾ هن لکڻ جي طريقي کي Phonography چيو ويو، جنهن جي معنيٰ آهي Writing by sound. يعني آواز روءِ يا اچار موجب لکڻ. ان حساب سان هن لکتي طريقي جي اهم خصوصيت اها آهي ته هن ۾ اهو آواز لکبو آهي، جيڪو اچاريو ويندو. يعني ساڪن يا Silent اکر کي شارٽ هئنڊ ۾ ڪو نه لکبو. هن سسٽم جي ٻي خوبي اها آهي ته هن ۾ هر بنيادي آواز کي ظاهر ڪرڻ لاءِ علحده نشاني آهي.

انگريزي ٻوليءَ ۾ 36 بنيادي آواز آهن. انهن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ عام رواجي لکتي طريقي يعني لانگ هئنڊ ۾ 26 نشانيون يعني الفا بيٽ جا اکر آهن.

انهن بنيادي 36 آوازن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو وجي ٿو. 24 آواز حروف صحيح يا ڪانسونينٽس Consonants آهن، ۽ 12 آواز حروف علت يا واولز Vowels آهن. شارٽ هئنڊ ۾ وڌيڪ چار آواز ڊفٿانگ آهن. ڊفٿانگ ٻٽا واول هوندا آهن.

اهي آواز جڏهن زبان مان نڪرن ته ان جي نتيجي ۾ چپ ملن يا ڪا رڪاوٽ ٿئي، تن کي حروف صحيح Consonant سڏيو ويندو آهي.

۽ اهي آواز جڏهن زبان مان نڪرن، تڏهن چپ ڪليل رهن يا ڪا اٽڪ نه ٿئي، تن کي حروف علت Vowles سڏبو آهي.

هر لفظ ۾ لازمن حرف علت به هوندو ته حرف صحيح به هوندو آهي. يعني ٻنهي جي ميلاپ سان لفظ ٺهندو آهي. البت ائين ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن لفظ ۾ حروف صحيح وڌيڪ هجن ۽ حروف علت گهٽ هجن يا ان جي ابتڙ هجي.

### ڪانسونينٽس Consonants

شارٽ هئنڊ جي هن نظام ۾ ڪانسونينٽس کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لڪيرون Lines (سڌيون Straight يا ڏنگيون Curve) آهن. اڪثر لڪيرون هيٺ ڏانهن Downward لکبيون آهن. انهن هيٺ ڏانهن لکيل ڪانسونينٽس جي نشانين کي ڊائون اسٽروڪ Downstorke چوندا آهن. پنجن ڪانسونينٽس جون نشانيون ڪاٻي کان ساڄي زمين جي سڌ ۾ يعني Horizontal لکبيون آهن. تن کي هاريزنٽل اسٽروڪس چيو ويندو آهي. باقي ٽوريون نشانيون مٿي ڏانهن upward لکبيون آهن، جن کي اپ اسٽروڪ Upstroke سڏجي ٿو. 24 ڪانسونينٽس مان 22 جي هڪ هڪ نشاني آهي، البت ٻن ڪانسونينٽس جون ٻه ٻه نشانيون آهن. ان حساب 24 ڪانسونينٽس کي ظاهر ڪرڻ لاءِ 26 نشانيون يا اسٽروڪس storkes آهن.

آواز هڪڙا ڀاري آهن، ته ٻيا هلڪا آهن. ڀاري ڪانسونينٽس لاءِ گهريون لڪيرون آهن، ۽ هلڪن ڪانسونينٽس لاءِ هلڪيون لڪيرون آهن. هلڪي لڪير تمام هلڪي لکي وجي ۽ گهري لڪير کي ايترو گهرو ڪيو وجي جو اها هلڪي لڪير کان ممتاز نظر اچي. يعني گهريءَ کي هريرو گهرو يا ٿلهو ڪري لکڻ جي ضرورت ڪانهي.

**واولز Vowles**

ٻارنهن واولز مان ڇهه واولز ڊگها آهن، جن ڪي اچارڻ ۾ وڌيڪ زور لڳندو آهي، ۽ ڇهه وري ننڍا آهن، جن ڪي اچاريندي گهٽ زور لڳندو آهي. پر واولز ڪي هڪ ٻي حساب سان ٽن گروهن ۾ ورهايو ويجي ٿو. ڪانسونينٽ جي شروع ۾ لڳندڙ چار واولز ڪي فرسٽ پليس واولز First Place Vowels، وچ تي لڳندڙ واولز ڪي Second place Vowels، ۽ آخر ۾ لڳندڙ چئن واولز ڪي Third place Vowels سڏيو ويجي ٿو.

انهن ٻارنهن واولز ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻہ نشانيون آهن: ٽٻڪو يعني ڊاٽ dot ۽ ليڪ يعني ڊئش dash. ڊگهن واولز ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ گهرو ٽٻڪو heavy dot يا ڊئش Heavy dash ۽ ننڍن واولز ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ light dash ۽ light dot.

هرجاءِ تي هلڪو ٽٻڪو، گهرو ٽٻڪو، هلڪو ڊئش ۽ گهرو ڊئش استعمال ٿئي ٿو، پر هر جاءِ تي اهي الڳ واولز ڪي ظاهر ڪن ٿا. پر هتي اهو ٻڌائجي تہ اگتي هلي اسان رڳو ضروري حالتن ۾ واولز جون نشانيون لڳائيندا آهيون.

اصل ۾ اسان واولز جي حساب سان لفظ جي پهرئين ڊائون اسٽروڪ يا اپ اسٽروڪ ڪي لائين تي، لائين کان مٿي يا لائين جي وچان through لکندا آهيون. ان عمل ڪي Position writing سڏبو آهي. اها هن لکتي نظام جي اهم ترين خصوصيت آهي. تنهنڪري شروع کان ئي ان تي عمل ڪجي.

## ڪتاب متلق

اسان وٽ اڪثر طور پٽمئن شارٽ هئنڊ نيو ڪورس پڙهايو ويندو آهي. جنهن جو ترجمو مون ڪجهہ سال اڳ ڪيو هو، پر اهو ان وقت ڇپجي نہ سگهيو ۽ اهو وڃائجي ويو. هاڻي ٻيهر ان جو ترجمو ڪيو ويو آهي. اصل ڪتاب ۾ هر پئراگراف يا پوائنٽ کان پوءِ ان نڪتي يا پئراگراف ۾ ڏنل اصولن جي عملي سمجهاڻي لاءِ مثالي لفظ لانگ هئنڊ توڙي شارٽ هئنڊ ۾ ڏنا ويا آهن ۽ اهڙي طرح انهن کان پوءِ وري شارٽ فارم توڙي مشقون بہ ڏنل آهن. اهي مثالي لفظ، شارٽ فارم توڙي مشقون هن ترجمي ۾ شامل نہ ڪيو ويون آهن. ان ڪري هي ترجمو تڏهن ڪارائتو ٿيندو، جڏهن اوهان وٽ اهو اصلي ڪتاب هجي. ائين چئجي تہ هي علحده ڪتاب ڪونهي، پر هڪ طرح مددي يا حوالاجاتي ڪتاب آهي.

**محمد حبيب سنائي**
**انچارج پرنسپل**
**گورنمينٽ ڪاليج آف ايجوڪيشن**
**ان ڪمرشل پرئڪسٽس، هالا**

# باب پهريون

## پٽمئن شارٽ هئنڊ جي الفابيٽ

1. پهريان ڇهه ڪانسونينٽس

انگريزي لفظن ۾ ٻڌجڻ ۾ ايندڙ آوازن کي پٽمئن جي شارٽ هئنڊ ۾ هيٺئين نموني ورهايو ويو آهي:
24 ڪانسونينٽس، 12 واولز، ۽ چار ڊفٿانگ.
هرهڪ آواز لاءِ شارٽ هئنڊ جي نشاني آهي.
پهرين ڇهن ڪانسونينٽس کي هيٺ ويندڙ Downward سڌين لڪيرن Straight strokes سان ظاهر ڪبو آهي.
اصلي ڪتاب ۾ نشانيءَ ساڻ ڏنل تير ان رخ يا طرف Direction کي ظاهر تو ڪري، جنهن ۾ اهو اسٽروڪ لکيو ويو آهي. ياد رهي تہ اهي اسٽروڪ ان رخ يا طرف کان علاوه ٻئي رخ يا طرف ۾ نہ لکيا ويندا.
نوٽ: اهي ڪانسونينٽ جوڙو ناهين تا، جيئن پي ۽ بي، ٽي ۽ ڊي، چي ۽ جي. هر جوڙي ۾ هلڪو آواز هلڪي اسٽروڪ سان ۽ لاڳاپيل ڀاري Heavy آواز ڀاري يا گهري اسٽروڪ سان ظاهر ٿيندو آهي.

2. واول اي

واولز کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٽٻڪا (Dots) ۽ ليڪون (Dashes) آهن. جيڪي اسٽروڪس سان گڏ لڳايون ويندين آهن. جڏهن واول ڪانسونينٽ کان اڳ ايندو آهي تہ اهو اسٽروڪ جي کاٻي پاسي يا اڳ ۾ Before رکيو ويندو آهي؛ جڏهن واول ڪانسونينٽ کان پوءِ اچي تہ ان کي اسٽروڪ کان پوءِ ان جي ساڄي پاسي تي لڳايو يا رکيو ويندو آهي.
ڊگهي واول اي کي گهري ٽٻڪي (heavy dot) سان ظاهر ڪبو آهي.
لفظ لکندي پهرئين ڪانسونينٽ لکبو آهي ۽ پوءِ واول جي نشاني لڳائبي آهي. لفظ جي شڪل يعني آئوٽ لائين Outline جي هينيان لڳايون ويندڙ ٻہ هلڪيون لڪيرون يعني ڊئشون اهو ظاهر ٿيون ڪن تہ ان لفظ کي لانگ هئنڊ يا ٽائيپ ڪندي ڪيپيٽل اکرن ۾ لکبو.
نوٽ: اسٽروڪ جي ٽن جاين تي واولز جون نشانيون لڳايون ويندڙون آهن، يعني شروع Beginning، وچ Middle، ۽ آخر ۾ end، يا پهرئين، ٻي ۽ ٽين جاءِ تي. لانگ واول اي جين نشاني هيوي ڊاٽ کي اسٽروڪ جي وچ تي لڳايو ويندو آهي، ۽ ان ڪري انکي سيڪنڊ پليس واول Second Place Vowel سڏبو آهي.

3. ڪانسونينٽس کي ڳنڍڻ Joining of Consonants

ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ڪانسونينٽس کي ڳنڍي لکڻ مهل پين يا پنسل مٿي نہ کڻبي، يعني انهن کي هٿ جي هڪڙي موومينٽ سان لکبو، جيئن لانگ هئنڊ ۾ ڪبو آهي. جتي پهريون اسٽروڪ ختم ٿئي، اتان ئي ٻيو اسٽروڪ شروع ڪجي. اسٽروڪن کي پنهنجي رخ Direction ۾ لکيو وڃي. اهو نوٽ ڪريو تہ پهريون اسٽروڪ لائين تي رهندو.

4. ننڍو واول اي

ننڍي واول اي کي هلڪي ٽٻڪي سان ظاهر ڪبو آهي. اهو ٻہ سيڪنڊ پليس وارو واول آهي. (اسان ماڻهن واسطي جن جي مادري زبان انگريزي نہ آهي، اهي ٻہ واول اچار جي حساب سان ڄڻ هڪجهڙا آهن. سو ان ڳالهہ تي پريشان نہ ٿجي، پاڻ انهن کي ياد ڪرڻ ۾ آساني رهندي.)

5. عام لفظن لاءِ شارٽ فارمس Short forms

بار بار استعمال ۾ ايندڙ لفظن جهڙوڪ Be, it, the, to کي شارٽ هئنڊ ۾ اڪيلي Single نشانيءَ سان ظاهر ڪبو آهي. اهي شارٽ فارم تيز لکت ۾ مدد ڏيندا آهن، تن کي چڱي طرح ياد ڪيو وڃي.(هتي ڏنل يا ايندڙ بابن ۾ ايندڙ شارٽ فارمن کي چڱي طرح لکو ۽ ياد ڪريو.)

6. **فريزنگ** Phrasing

تکڙي لکڻ ۾ مدد طور، شارٽ هئنڊ ۾ لفظ اڪثر ڪري گڏي لکيا ويندا آهن. ان عمل کي فريزنگ چون ٿا. آئوٽ لائين کي صرف انوقت ڳنڍي لکبو، جڏهن اهي آسانيءَ ۽ فطري نموني سان پاڻ ۾ ڳنڍجي سگهن، جيئن هن ڪتاب ۾ ڏنل مثالن ۾ ڏيکاريو ويو آهي. فريزنگ ۾ پهريون لفظ پنهنجي نارمل جاءِ Position تي رهندو.

ڪنهن لفظ جي آخر ۾ لڳايل هڪ ننڍي اڙي small tick دَ يا دِي the کي ظاهر ڪري ٿي. ان اڙي يا ٽِڪِ کي مٿي طرف توڙي هيٺ ڏانهن لکي سگهجي ٿو، پر اهو ضروري آهي ته ڪنڊ ننڍي نهي ۽ ان جو نمونو هڪجهڙو هجي.

7. **بيهڪ جون نشانيون** Punctuation

شارٽ هئنڊ ۾ هينين بيهڪ جي نشانين لاءِ خاص نشانيون آهن:

فل اسٽاپ سوال عجب هائفن ڊئش ڏنگيون

**ايڪسرسائيز** 1

- اصلي ڪتاب ۾ ڏنل مشق کي ايترا پيرا پڙهو، جيسيتائين اوهان روانيءَ سان نہ پڙهي سگهو.
- جيڪو آئوٽ لائين پڙهڻ ۾ ڏکيو لڳي، ان کي لکڻ جي مشق ڪريو. لکندي ان لفظ کي اچاريندا بہ رهو.
- وري بيهر ايڪسرسائيز کي پڙهو.
- هر جملي کي اوسيتائين ڪاپي ڪريو، جيسيتائين اهو تيزيءَ سان نہ لکي سگهجي.
- ڊڪٽيشن ذريعي جملن کي لکو
- لکيل مواد کي پڙهي ڏسو. غلطين جو اندازو ڪريو ۽ انهن جي بيهر مشق ڪريو.

نوٽ: مٿين هدايتون ڪتاب جي سيني مشقن يعني ايڪسرسائيزن سان لاڳو آهي. تنهن ڪري هر ايندڙ ايڪسرسائيز تي مذڪوره نموني عمل ڪريو.

# باب پيو

8. ڪانسونينٽس جو ٻيو گروپ

ايندڙ چار جوڙا ڏنگي ليڪ Curved وارا آهن، ۽ اهي ٻه هيٺ ڏانهن downward لکبا آهن.

(اصلي ڪتاب ۾ ڏنل ٽيبل ۾ انهن جي چڱي مشق ڪريو. جڏهن اهي ياد ٿي وڃن ته پوءِ ٽيبل جي هيٺان ڏنل لفظن کي ڏهه پندرهن ڀيرا لکو.)

9. لانگ واول او ۽ شارٽ واول اَ

لانگ واول او کي گهري ڊئش سان ظاهر ڪبو آهي. هيءُ ٻه سيڪنڊ پليس واول آهي. (ڪتاب ۾ ڏنل مثالي لفظن کي ڏهه پندرهن ڀيرا لکي وٺو.)

شارٽ واول اَ کي هلڪي ڊئش سان ظاهر ڪبو آهي. هيءُ واول ٻه سيڪنڊ پليس واول آهي. (ڪتاب ۾ ڏنل مثالي لفظن کي ڏہ پندرهن ڀيرا لکي وٺو.)

ايڪسرسائيز 2 ۽ 3

انهن ايڪسائيزن تي پهرئين ايڪسرسائيز وٽ ڏنل هدايتن جي روشني ۾ عمل ڪريو.(ياد رهي ته هن ڪان پوءِ ايڪسرسائيزن جي حوالي سان ذڪر نه ٿيندو، پر اوهان کي انهن تي عمل ڏنل هدايتن تحت ڪرڻو آهي.

# باب ٽيون

10. ٻيا اٺ ڪانسونيننٽس

هن باب ۾ ڏنل اٺن ڪانسونيننٽس کي اڳتي ڏانهن forward لکبو آهي. انهن مان پهريان پنج ساڄي کان کاٻي لکجندڙ يعني هاريزنٽل Horizontal آهن ۽ آخرين ٽي، مٿي طرف لکجندڙ يعني اپورڊ Upward آهن. انهن ۾ رگو ٻه گهرا آهن ۽ باقي ڇهه هلڪا آهن.

ڪتاب جي ٽيبل ۾ آيل ڪانسونيننٽس جي چڱيءَ طرح مشق ڪريو. ان بعد اي کان وٺي ڊي سيڪشن ۾ ڏنل لفظن جي مشق ڪريو. ياد رهي ته جڏهن واول هاريزنٽل اسٽروڪ کان اڳ ايندو آهي ته اهو مٿي لکبو آهي، ۽ اگر پوءِ ايندو آهي ته هاريزنٽل اسٽروڪ جي هيٺيان لڳائبو آهي.

لفظن جي ميڙ يعني فريز Phrase ۾ اسٽروڪ ايل کي لفظ ول will کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم آڻبو آهي. (ڏنل مثالن کي ڏهه پندرهن ڀيرا لکي وٺو.) ان کانپوءِ ٽيبل جي آخري ڪالم ۾ ڏنل شارٽ فارمن جي مشق ڪريو.

# باب چوٿون

11. فرسٽ پليس واولز

اينڊڙ چار واولز کي پهرئين جاءِ تي لکبو آهي، يعني اسٽروڪ جي شروع ۾. جڏهن لفظ ۾ فرسٽ پليس واول ئي پهريون آيل واول هجي ته آئوٽ لائين کي لائين کان مٿي پهرئين جاءِ تي لکبو، يعني آئوٽ لائين جي پهرئين ڊائون اسٽروڪ Downstroke يا اپ اسٽروڪ upstorke کي نوٽبڪ جي لائين کان مٿي ڪري لکبو. هاريزنٽل اسٽروڪن تي مشتمل آئوٽ لائينن کي قطار يعني لائين کان مٿي ئي لکبو آهي.

اي) لانگ واول آ کي گهري ٽبڪي سان ظاهر ڪبو.

بي) شارٽ واول اَ کي هلڪي ٽبڪي سان ظاهر ڪبو آهي.

سي) لانگ واول آ کي گهري ڊئش سان ظاهر ڪبو آهي. (جن جي مادري ٻولي انگريزي نه آهي، تن کي پهريون واول، ۽ هيءُ واول توڙي اينڊڙ چوٿون واول به هڪجهڙا لڳندا. بهرحال ان تي هريرو پريشان نه ٿجي.) مثالن کي ڪاپي ڪري ونو.

ڊي) شارٽ واول آ کي هلڪي ڊئش سان ظاهر ڪبو آهي.

(نوٽ: اوهان ڏٺو ته پهريون لانگ واول آ، ٽيون لانگ واول آ ۽ چوٿون واول آ ڇڻ هڪجهڙا آهن. انگريزن جي حساب سان پهرئين کي وچٿري نموني، ٻي کي ڀاري يا زورائتي نموني ۽ آخري کي تمام هلڪي نموني اچاربو آهي. مناسب رهندو ته مثالن کي اچاري فرق محسوس ڪيو وڃي.)

12. سيڪنڊ پوزيشن

جڏهن لفظ جو پهريون واول سيڪنڊ پليس وارو هجي ته آئوٽ لائين کي ٻي جاءِ تي لکبو، يعني پهريون اپ اسٽروڪ يا ڊائون اسٽروڪ لائين تي رهندو. (ياد رهي ته جيڪر لفظ جو پهريون اسٽروڪ هاريزنٽل آهي ته ان کي پوزيشن لاءِ نه ڳڻبو، پر ان بعد آيل اپ اسٽروڪ يا ڊائون اسٽروڪ کي لائين تي رکبو.)

# باب پنجون

**13. ٿرڊ پليس واولز**

آخري ڇئن واولز کي ٽين جاءِ تي لکيو ويندو. جڏهن ٿرڊ پليس واول ٻن اسٽروڪن جي وچ ۾ اچي، ته انکي ٻي اسٽروڪ جي اڳ واري ٽين جاءِ تي لکيو وڃي.

جڏهن ٿرڊ پليس واول ئي لفظ جو پهريون واول هجي، ته آئوٽ لائين کي ٽين جاءِ تي لکجي، يعني آئوٽ لائين جي پهرئين اپ اسٽروڪ يا ڊائون اسٽروڪ کي لائين جي وچان يعني through the line لکجي.

اي) لانگ واول اِي کي گهري ٽبڪي سان ظاهر ڪبو آهي.

بي) شارٽ واول اِ کي هلڪي ٽبڪي سان ظاهر ڪبو آهي.

سي) لانگ واول اُو کي گهري ڊئش سان ظاهر ڪبو آهي.

ڊي) شارٽ واول اُ يعني پيش کي هلڪي ڊئش سان ظاهر ڪبو آهي.

نوٽ: لفظن جي آخر ۾ آيل Y جي آواز کي هلڪي ٽبڪي سان ظاهر ڪبو آهي. (اصل ۾ هيءُ نڪتو انهن کي سمجهه ۾ ايندو، جن جي انگريزي مادري زبان هجي، يا انگريزي تي وڏي مهارت هجي. ٽنهنڪري اوهان پلي هن نڪتي تي عمل نه ڪريو.)

جڏهن آئوٽ لائين ۾ رڳو هاريزنٽل اسٽروڪ هجن ۽ پهريون واول ٿرڊ پليس واول هجي ته ان آئوٽ لائين کي لائين تي لکبو. (اصل ۾ هاريزنٽل اسٽروڪن کي رڳو لائين تي يا لائين کان مٿي لکي ٿو سگهجي. انهن کي ٿرو دِي لائين يعني لائين جي وچان نه ٿو لکي سگهجي.)

لفظن جي آخر ۾ ڏنل ing واري پوياڙي termination ۾ استعمال ڪيل واول اِ کي پلي نه لکيو وڃي، رڳو نگ ng وارو ڪانسونينٽ لکيو وڃي.

# باب ڇهون

14. آر R جا ٻه فارم

ڪتاب ۾ ڏنل آر جي ٻنهي صورتن يعني فارمن ڪي چڱي نموني ڪاپي ڪريو.

جڏهن لفظ جو پهريون آواز آر هجي ته ان صورت ۾ ري يعني اپورڊ آر ڪي استعمال ڪريو.

پر جڏهن لفظ جي شروع ۾ واول هجي ۽ پوءِ آر هجي ته ان صورت ۾ آر يعني ڊائون ورڊ آر استعمال ڪيو.

15. (اي) جڏهن آر لفظ جو آخري آواز هجي ته ان ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڊائون ورڊ آر استعمال ڪريو.

بي) اهو لفظ جنهنجي آخر ۾ -ore يا air– آيو هجي، پلي ڪيئن ٻه اسپيل ٿيو هجي، انهن ڪي سيڪنڊ پليس جي گهري واول سان لکبو آهي.

سي) جڏهن لفظ جي آخر ۾ آر ۽ پوءِ واول هجي ته ان صورت ۾ آر ڪي اپورڊ آر سان ظاهر ڪبو آهي.

16. آڪورڊ جوائننگ (يعني ڳنڍيي لکڻ ۾ وقت لڳڻ يا ڏکيائي ٿيڻ) کان بچڻ لاءِ آر ڪي:

اي) ايم کان اڳ ڊائورڊ ڪري لکبو.

بي) ٽيT، ڊي D، چي Ch، جي J ۽ ٿ th، کان اڳ ايندڙ ري جي آواز ڪي اپورڊ آر سان ظاهر ڪري لکبو. پوءِ پلي شروع ۾ واول چونه آيل هجي.

سي) اسٽريٽ اپ اسٽروڪس Straight upstrokes (مٿي ويندڙ سڌن اسٽروڪن) کان پوءِ آيل ڪي اپورڊ صورت ۾ لکبو.

نوٽ: وچ ۾ آيل آر ڪي اپورڊ فارم سان ظاهر ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي.

# باب ستون

17. ڊفٿانگ Diphthongs

پٽمئن شارٽ ۾ جيڪي چار ڊفٿانگ (ٻہ واول جڏهن هڪ ساهي ۾ اچارجن، تن کي ڊفٿانگ چئجي ٿو) آهن، سي آهن : آءِ، اُئاءِ، ائو، ۽ اِيُو. اهي آواز جملي I enjoy Gow's music ۾ ٻڌي سگهجن ٿا.

اي) ڊفٿانگ آءِ کي ننڍي ڪنڊائتي نشاني Angular mark سان ظاهر ڪبو آهي ۽ ان کي فرسٽ پليس تي لکيو ويندو آهي.

بي) ڊفٿانگ اُئاءِ کي ائنگيلور مارڪ سان ظاهر ڪبو ۽ فرسٽ پليس تي لکبو آهي.

سي) ڊفٿانگ ائو کي ٿرڊ پليس تي لڳايو ويندو آهي.

ڊي) ڊفٿانگ اِيُو کي ننڍي اڌگول يعني سيمي سرڪل سان ظاهر ڪبو آهي ۽ ان کي بہ ٿرڊ پليس تي لڳائبو آهي.

18. ڳنڍيل ڊفٿانگ Joined Diphthong

اي) ڊفٿانگ جي نشانين کي، اگر آساني ٿئي، تہ پلي اسٽروڪن سان ڳنڍي لکيو وڃي.

بي) ائو واري نشاني کي نائو now جهڙن لفظن ۾ تخفيف ڪري يا گهٽائي لکبو آهي.

سي) آءِ واري نشاني کي فريزنگ مهل l, m, k ۽ اپورڊ آر کان اڳ گهٽائي لکبو آهي.

ڊي) you واري نشانيءَ کي فريزن ۾ پلي مختلف رخن ۾ لکيو وڃي.

19. ٽراءِ فون Triphone

ڊفٿانگ کان پوءِ فوري طور آيل واول کي ننڍڙي اڙي يا ٽڪ سان ظاهر ڪبو آهي. (جڏهن ڊفٿانگ ۽ ان بعد فوري طور ڪو واول اچي تہ ان ميلاپ کي ٽراءِ فون ڪوٺيو وڃي ٿو.)

20. ڪانسونينٽ ايچ

هن ڪانسونينٽ جون بہ ٻہ نشانيون يعني فارم آهن، هڪ کي ايچ ڊائورڊ ۽ ٻي کي ايچ اپورڊ سڏجي ٿو.

اي) جڏهن ايچ وارو ڪانسونينٽ لفظ جو اڪيلو ڪانسونينٽ هجي، يا ان بعد ڪي k يا گي g آيل هجي تہ ان مهل ايچ ڊائورڊ استعمال ڪريو. ڊيريويٽو Derivative لفظن ۾ بہ ايچ ڊائون ورڊ استعمال ڪريو.

بي) ٻين ڪانسونينٽن سان ايچ اپورڊ ڳنڍي لکبي.

سي) لفظ hope کي فريز ڏاهڻ مهل اسٽروڪ پي سان ظاهر ڪبوآهي.

ڊي) لفظ he جڏهن فريز جي وچ يا آخر ۾ هجي تہ ان کي شارٽ فارم سان ظاهر ڪجي. ٻين حالتن ۾ مڪمل لکجي.

# باب اٺون

**21. ايس سرڪل**
بار بار استعمال ٿيندڙ ايس ڪانسونينٽ ۽ ان سان لاڳاپيل پاري آواز واري زي ڪانسونينٽ کي نہ رڳو اسٽروڪ سان، پر سمال سرڪل (ننڍي گول) سان بہ ظاهر ڪبو آهي.

ننڍيو يعني سمال سرڪل ٻين ڪانسونينٽن جي نہ رڳو شروع ۾ بلڪ وچ ۽ آخر ۾ آسانيءَ سان ڳنڍي لکي سگهجي ٿو. لفظ جي شروع ۾، ايس سرڪل پهرئين پڙهبو، ۽ لفظ جي آخر ۾ لڳل ايس سرڪل کي آخر ۾ پڙهبو.
ڏنگن يعني ڪرو اسٽروڪن جي آخر ۾ ايس سرڪل کي اندر Inside ڪري لکبو.
22. سڌن اسٽروڪن سان ايس سرڪل کي کاٻي پاسي واري رخ ۾ يعني ليفٽ موشن (اينٽي ڪلاڪ وائيز (Anti-Clock wise) ۾ لکبو:
اي) ان جي معنيٰ ٿي تہ سرڪل کي سڌن هيٺ ويندڙ يعني اسٽريٽ ڊائون اسٽروڪن جي ساڄي پاسي لکبو.
بي) ساڄي کان کاٻي پاسي لکجندڙ يعني هاريزنٽل سڌن اسٽروڪن ۽ مٿي ويندڙ سڌن يعني اپورڊ اسٽريٽ اسٽروڪن جي مٿئين حصي ۾ ايس سرڪل لکبو.
23. لفظي ميڙن يعني فريزز Phrases ۾ آخري يعني فائينل سرڪل لفظ اس Us يا is کي ظاهر ٿو ڪري.
24. ٻن سڌن اسٽروڪن جي وچ ۾ نهيل ڪنڊ جي ٻاهرين پاسي ايس سرڪل کي لکبو.
25. لفظ جي شروع ۾ سرڪل رڳو س s واري آواز کي ظاهر ڪندو آهي. اگر شروع ۾ س جي جاءِ تي ز z جو آواز ايندو آهي تہ ان کي زي واري اسٽروڪ سان ظاهرڪبو.
26. ڏنگن يعني ڪرِو اسٽروڪ ۽ سرڪل بعد ايندڙ آر کي مٿي ويندڙ سڌي يعني اپورڊ آر سان ظاهر ڪبو آهي. پوءِ پلي ان بعد ڪو واول نہ هجي. اصل ۾ ائين ڪرڻ سان وڌيڪ سنو آئوٽ لائين ٺهي ٿو.
27. اسٽروڪ ايل کي آسانيءَ سان هيٺ ڏانهن يعني ڊائون ورڊ بہ لکي سگهجي ٿو. جڏهن ايل ڪنهن سرڪل جي شروع يا آخر ۾ اچي، ۽ اهو سرڪل ڪنهن ڏنگي يعني ڪرِو اسٽروڪ سان ڳنڍيل هجي، تہ ان صورت ۾ اسٽروڪ ايل کي ڊائون ورڊ ڪري لکجي.

# باب نائون

### 28. ايس ٽي لوپ

اي) جنهن ڊائريڪشن ۾ سرڪل کي لکبوآهي، تنهن نموني لکجنڌڙ ننڍو لوپ loop، ايس ۽ ٽي st جي گڏيل آواز کي ظاهر ٿو ڪري.

بي) لفظ جي آخر ۾ ايس ٽي لوپ نہ رڳو هلڪي آواز يعني ايس ٽي جي آواز کي، پر ڀاري آواز زيڊ ڊي zd کي بہ ظاهر ڪري ٿو.

لوپ ڪان پوءِ بہ آخر ۾ سرڪل ڳنڍي لکي سگهجي ٿو.

سي) ايس ٽي جو لوپ لفظ وچ ۾ بہ ڪم آڻي سگهجي ٿو.

### 29. ايس ٽي آر لوپ

لفظ جي آخر ۾ ايندڙ ايس ٽي آر ster جي آواز کي ظاهر ڪرڻ لاءِ وڏو لوپ لکبو آهي، جنهن جي سائيز ڪانسونينٽ جي ٽن حصن جيتري هوندي آهي. ايس ٽي آر جي لوپ کي لفظ جي شروع ۾ نہ لڳائبو آهي.

### 30. سيس ses سرڪل

اي) لفظ جي آخر ۾ ايندڙ ses يا sez جي آوازن کي گڏيل طور ظاهر ڪرڻ لاءِ وڏو سرڪل هٽبو آهي. هن کي بہ ننڍي سرڪل وانگيان لکبو آهي.

بي) لفظ جي وچ ۾ ايندڙ ses جي آواز کي بہ وڏي سرڪل سان ظاهر ڪبو آهي.

سي) ٻن s’s جي وچ ۾ ننڍي واول اي ڪان سواءِ ٻين واولن يا ڊفٿانگن کي وڏي سرڪل اندر لکبو آهي.

### 31.ايس ڊبليويا سوي sw سرڪل

اي) لفظ جي شروع ۾ ايندڙ ايس ڊبليو يعني سوي Sway جي آواز کي وڏي سرڪل سان ظاهر ڪبو آهي. هن کي بہ ننڍي سرڪل وانگيان لکبو آهي. هن کي سوي سرڪل چوندا آهن.

بي) لفظي ميڙن يعني فريزن Phrases ۾ سوي سرڪل لفظن as we کي ظاهر ڪندو آهي.

سي) فريزنگ phrasing ۾ پهرئين لفظ جي آخرين ۽ ٻي لفظ جي شروعاتي ايس کي گڏيل طور ظاهر ڪرڻ لاءِ بہ وڏو سرڪل استعمال ڪيو ويندو آهي.

### 32. واول کي ظاهر ڪرڻ

اي) لفظ جي شروع ۾ ايندڙ سرڪل يا لوپ پهريائين پڙهبو آهي. جڏهن لفظ جي شروعات واول سان ٿئي تہ اسان کي اسٽروڪ ايس لکڻ گهرجي تہ جيئن شروعاتي واول جي موجودگي پڌري ڪري سگهجي.(ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ جيڪر لفظ جي شروع ۾ واول هجي ۽ ان بعد ايس يا ايس ٽي جو آواز هجي تہ اهڙي صورت ۾ سرڪل يا لوپ جو استعمال نہ ڪيو ويندو.)

بي) لفظ جي آخر ۾ لڳنڌڙ سرڪل يا لوپ بہ آخر ۾ ئي پڙهبو آهي. جڏهن لفظ جي پڇاڙي واول سان ٿئي تہ انهيءَ آخري واول کي ظاهر ڪرڻ لاءِ سرڪل يا لوپ جو استعمال ڇڏي، اسٽروڪ ايس لکجي. ( ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ لفظ جي آخرين آواز واول هجي ۽ ان واول کان ايس يا زي يا ايس ٽي آيا هجن تہ انهن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ سرڪل يا لوپ نہ استعمال ٿيندو، تہ جيئن پتو پوي تہ آخر ۾ واول آيل آهي.)

سي) ايس ۽ ٽي جي وچ ۾ اگر واول اچي وڃي تہ ان صورت ۾ ايس ٽي جو لوپ استعمال نہ ڪيو وڃي.

(متين اصولن کي لاڳو ڪرڻ جي نتيجي ۾) آئوٽ لائين (جي شروع يا آخر) ۾ واول جي هئڻ يا نہ هئڻ جي خبر پوي ٿي.

ڊي) جيئن ته سرڪل يا لوپ جي پر ۾ واول ڪي لکڻ جي جاءِ نه هوندي آهي، تنهن ڪري جڏهن لفظ رڳو هڪ ايس يا ٻن ايس ايس يا ايس ٽي يا ايس ڊي تي مشتمل هجي ته ان صورت ۾ سرڪل يا لوپ جي جاءِ اسٽروڪ استعمال ڪيو وڃي.

نوٽ: لفظن ۾ ٻڌڻ ۾ ايندڙ مڙني ڪانسونينٽن ڪي پٽمئن جي شارٽ هئنڊ ۾ ظاهر ڪيو ويندو آهي. شارٽ فارمن کان سواءِ ٻيا سڀ لفظ مڪمل طرح لکيا ويندا آهن. پٽمئن جي شارٽ هئنڊ ڪي آساني سان پڙهي سگهڻ جو اهو ئي بنيادي سبب آهي.

جيئن اسان اڳتي وڌنداسون، تيئن مختصر ڪري لکڻ جا حربا abbreviating devices اسان ڪي ان لائق بنائيندا ته لفظن ۾ ايندڙ مڙني ڪانسونينٽن ڪي پڙهڻ جوڳو، مختصر ۽ تيز ترين لکي سگهون. لفظن جا آئوٽ لائين ايترا پڌرا هوندا آهن، جو انهن ۾ واولن جون نشانيون لڳائڻ غير ضروري هوندو آهي، جو ته انهن ڪي بغير واول جي نشانين جي به پڙهي سگهجي ٿو.

ڪانسونينٽن ڪي مڪمل نموني ظاهر ڪرڻ سان گڏ، اسان اهو به بندوبست ٿا ڪريون ته هر مختصر ڪندڙ حربي ساڻ واول جي هئڻ يا نه هئڻ ظاهر ٿئي ٿو. ان کان علاوه ٻي اهم ترين سهوليت جيڪا تيز رفتار شارٽ هئنڊ لکندڙن جي پسند ڪيل آهي، سا آهي پوزيشن رائيٽنگ Position Writing. ان ڪري ان حقيقت تي حيران نه ٿجي ته هي سسٽم پڙهڻ جوڳو آهي.

هن کان پوءِ سواءِ ضروري واول نشانين جي، مشقن ۾ آيل لفظن ۾ واول جي نشاني استعمال نه ڪنداسون. رڳو لکيل شي کي ورائي پڙهڻ ۾ پيش ايندڙ ڪنهن ڏکيائي جي پيش نظر اسان ضروري هنڌن تي واول جون نشانيون هڻنداسون.

# باب ڏهون

33. هاونگ Halving

اسٽروڪن ڪي سندن پويان ايندڙ ٽي يا ڊي جي آواز ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ اڌ ڪيو ويندو آهي.

اي) هڪ پد يعني Syllable وارن لفظن ۾ عام طور هلڪي اسٽروڪ ڪي پويان ايندڙ ٽي لاءِ اڌ ڪبو آهي. پر ڊي لاءِ اڌ نہ ڪبو آهي.

اڌ ٽيل اسٽروڪن ۾ لڳل ايس سرڪل ڪي آخر ۾ ئي پڙهيو ويندو آهي.

بي) هڪڙي پد يعني سليبل تي مشتمل لفظن ۾ ڳهرن اسٽروڪن ڪي صرف پويان ايندڙ ڊي جي آواز ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ اڌ ڪبو آهي.

34. اي) ٻن يا وڌيڪ پدن يعني سليبلن تي مشتمل لفظن ۾ اسٽروڪن ڪي پويان ايندڙ ٽي توڙي ڊي ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ اڌ ڪبو آهي.

بي) اڌ ٽيل اسٽروڪ ڪي ٽرڊ پوزيشن ۾ ڏيکارڻ لاءِ لائين جي وچان يعني Through the line نہ لکبو آهي. انهن ڪي لائين تي يعني سيڪنڊ پوزيشن تي لکبو آهي.

سي) اڪيلي اسٽروڪ وارن لفظن ۾ جيڪر آخر ۾ ڊفٿانگ ڳنڍيل هوندو آهي تہ انهن ڪي ٽي يا ڊي لاءِ اڌ ڪبو آهي.

35. اي) شڊ ۽ ائنڊ جي نشانين سان مونجهاري کان بچڻ لاءِ اسان آر ۽ ٽي يا آر، ٽي ۽ ايس تي مشتمل لفظن ڪي مڪمل نموني لکندا آهيون.

بي) ڪن لفظن ۾ اڌ ٽيل اسٽروڪ مان پوري ڊيگهہ جي خبر نہ پئجي سگهندي آهي، تڏهن اسان هيءُ هاونگ وارو اصول استعمال نہ ڪندا آهيون.

سي) جڏهن لفظ جو آخري واول ٽي يا ڊي کان پوءِ آيل هوندو آهي، تہ اهڙي صورت ۾ ٽي يا ڊي ڪي مڪمل نموني لکيو ويندو آهي تہ جيئن واول جي موجودگي پڌري ٿئي.

36. عام طور تي ايل ڪي اپورڊ ڪري لکبو آهي.

1) پر سهوليت لاءِ اين يا نگ n or ng کان پوءِ ايندڙ ايل ڪي ڊائون ورڊ لکبو آهي.

2) واول ڪي ظاهر ڪرڻ جي خيال کان، ايل ڪي هيٺين ٻن صورتن ۾ ڊائون ورڊ ڪري لکبو آهي:

اي) جڏهن لفظ جي شروع ۾ ايل کان اڳ واول اچي ۽ ايل کان پوءِ هاريزنٽل اسٽروڪ آيل هجي. (اگر واول نہ هوندو تہ پوءِ ايل اپورڊ لکبي.)

بي) جڏهن لفظ جي شروع ۾ ايل کان اڳ ايف، وي، ايس ڪي، يا مٿي ويندڙ سڌو اسٽروڪ (آر اپورڊ. وي يا يي) آيل هجي ۽ آخر ۾ واول نہ هجي. (مگر آخر ۾ واول اچي وڃي تہ پوءِ ايل اپورڊ لکبي.)

37. ابريوئيٽيڊ ڊبليو Abbreviated W

جڏهن لفظن ۾ ڪي k، گي g، ايم m، اپورڊ آر ۽ ڊائون ورڊ آر کان اڳ وي w آيل هجي تہ ان ڪي مختصر ڪري اڌ گول يعني سيمي سرڪل سان ظاهر ڪجي.

نوٽ: ننڍو سيمي سرڪل هميشہ پهرئين پڙهبو آهي. انڪري اگر پهرئين واول اچي وڃي تہ سيمي سرڪل جو استعمال نہ ڪجي، پر وي w ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ پورو اسٽروڪ لکجي.

# باب يارهون

### 38. ڊبل ڪانسونينٽس - پي ايل pl سيريز

هيٺ طرف لڪجنڊڙ سڌن اسٽروڪن يعني اسٽريٽ ڊائون اسٽروڪن ۽ ڪي k، گي g جي شروع ۾ جنهن پاسي سرڪل لکبو آهي، تنهن پاسي ننڍو ڪنڊيو Hook، لفظ ۾ آيل ايل L جي آواز کي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪم اچي ٿو. ڪنڊي لڳل ڪانسونينٽن کي ٻٽو يعني ڊبل ڪانسونينٽ چيو وڃي ٿو. (ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته ايل جي آواز کي بجائي سندس پنهنجي اسٽروڪ سان ظاهر ڪرڻ جي، ڪائنس اڳ آيل ڪانسونينٽ جي اسٽروڪ جي شروع ۾ ننڍو ڪنڊيو يعني هڪ لڳائي ظاهر ڪبو آهي.)

لفظ جي شروع ۾ اگر ايس اچي وڃي ته ان کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لڳايو ويندڙ سرڪل پلي  ايل هُڪَ اندر لڳايو وڃي.

### 39. ڊبل ڪانسونينٽس پي آر سيريز

ڪي گي ۽ هيٺ ويندڙ سڌن يعني ڊائون اسٽروڪن جي شروع ۾ نان سرڪل پاسي تي يعني جنهن پاسي سرڪل لڳائبو آهي، ان جي ابتڙ يعني مخالف پاسي تي لڳندڙ هڪ يا ڪنڊيو آواز آر کي ظاهر ڪري ٿو.

40. (اي) جنهن پاسي آر جو ڪنڊيو يعني هُڪُ لڳايو ويندو آهي، ان پاسي تي اگر سرڪل يا لوپ لڳائجي ته ان ۾ آر جو آواز به شامل ٿي ويندو. (ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته جنهن ڪانسونينٽ سان آر جو هڪ لڳل آهي، ان کان اڳ اگر ايس، سوي سرڪل يا ايس ٽي وارو لوپ اچي ته انهن کي گڏيل طور ظاهر ڪرڻ لاءِ سرڪل يا لوپ کي آر هڪ واري پاسي تي هٽبو ته ان جو مقصد اهو ٿيندو ته ان لفظ سرڪل يا لوپ سان گڏ آر جو آواز به لکيل آهي.)

(بي) لفظ جي وچ ۾ ايندڙ سرڪل ۽ آر کي علحده علحده لکي ظاهر ڪبو.

(سي) ٽي يا ڊي کان پوءِ جيڪر ايس ڪي آر skr يا ايس گي آر sgr آيل هجن ته انهيءَ ميلاپ يا اشتراڪ کي ڪتاب ۾ ڏنل لفظن جي طرز تي لکبو.

### 41. ڊبل ڪانسونينٽس جو خاص استعمال

لفظن جي خاص گروپن ۾ ڊبل ڪانسونينٽ جو انوقت به استعمال ڪبو آهي، جڏهن ايل يا آر هڪ ۽ ڪانسونينٽ وچ ۾ واول به اچي وڃي. اهو ان ڪري ته جيئن مختصر ۽ تيز لکجي سگهجندڙ آئوٽ لائين حاصل ڪري سگهجن.

جيتوڻيڪ اهو ضروري نه هوندو آهي ته وچ ۾ آيل واول کي ظاهر ڪجي، پر جي ضروري هجي ته ڊاٽ واول کي ننڍي سرڪل سان ظاهرڪجي، ان کي ڊبل ڪانسونينٽ کان اڳ يا پوءِ هٽجي.

ننڍي واول اي کي پرسن person، گرل girl، ٽرمterm، جهڙن لفظن ۾ ظاهر نه ڪبو آهي.

ڊئش واول يا ڊفٿانگ جي نشاني کي وچان، يا شروع يا آخر ۾ ڇُنڊي لکبو.

42. ڊبل ڪانسونينٽس – ڪَروزِ Curves يعني ڏنگا اسٽروڪ

ڪرو جي اندرئين پاسي ۾ شروعاتي ننڍو هڪ آر کي ظاهر ٿو ڪري.

ڪرو جي اندرئين پاسي ۾ شروعاتي وڏو هڪ ايل کي ظاهر ٿو ڪري.

43. ائڊيشنل فارمز (اضافي صورتون)

(اي) ڊبل ڪانسونينٽ فر fr، ور vr، ٿر thr ۽ ڌر Thr کي اصلي توڙي ابتڙ نموني لکبو آهي.

جڏهن انهن مان ڪو، ڪنهن لفظ جو اڪيلو اسٽروڪ هجي ته پوءِ ابتڙ (Reverse) فارم تڏهن استعمال ڪبو جڏهن لفظ جي شروع ۾ واول نه هجي. اگر پهرئين واول هوندو ته اصلي فارم استعمال ڪبو.

(ب) جڏهن انهن کي ڪنهن ٻئي اسٽروڪ سان ڳنڍي لکبو ته اهو فارم استعمال ڪبو جيڪو لکڻ ۾ آسان هجي. عام طور تي، ساڄي طرف ڏانهن لکجندڙ اسٽروڪن سان ابتڙ يعني رورس فارم استعمال ڪيو ويندو آهي.

(سي) ڪي، گي، اين ۽ مٿي ويندڙ سڌن اسٽروڪن Straight Upstrokes کان پوءِ ايندڙ ايف ايل fl، وي ايل vl کي به ابتڙ يعني رورس فارم ۾ لکبو آهي.

44. ڊبل ڪانسونينٽ shl کي هميشه مٿي ڏانهن يعني اپورڊ لکبوآهي. اسٽروڪ shr کي هميشه هيٺ طرف يعني ڊائون ورڊ ڪري لکبو آهي.

45. گهري نشاني (نگ ڪانسونينٽ جي شروع ۾ هڪ هٽي) ng-kr يا ng-gr کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم ايندي آهي.

# باب ٻارهون

46. اين هڪ

(اي) ڏنگن يعني ڪرو اسٽروڪن جي اندرئين پاسي آخر ۾ لڳايل ڪنيو يعني هُڪ اين n جي آواز کي ظاهر ڪري ٿو.

(بي) سڌن اسٽروڪن جي آخر ۾ اين جي هڪ کي رائيٽ موشن (ڪلاڪ وائيز) يعني ساڄي پاسي واري رخ ۾ لکبو آهي.

لفظ جي آخر ايندڙ آر، جڏهن هڪ سان هوندي آهي ته ان کي مٿي ڏانهن يعني اپورڊ ڪري لکبو آهي.

47. ايف يا وي هڪ

(الف) سڌن اسٽروڪن جي آخر ۾ ليفٽ موشن (ائنٽي ڪلاڪ وائيز) يعني کاٻي پاسي واري رخ ۾ لکيل ننڍيو هڪ، آواز ايف f، يا وي v کي ظاهر ڪري ٿو.

(بي) ڏنگن يعني ڪرو اسٽروڪن سان وي يا ايف جو ڪنيو يا هڪ ڪونه لڳائبو آهي.

48. جنهن اسٽروڪ جي آخر ۾ هڪ لڳل هجي، ان کي پوءِ ايندڙ ٽي يا ڊي آواز جي موجودگي ڏيکارڻ لاءِ اڌ ڪري سگهجي ٿو.

49. وي يا اين لاءِ ڪنڍي يعني هُڪُ کي لفظ جي وچ ۾ ان صورت ۾ لکي سگهجي ٿو، جڏهن اهي آخري اسٽروڪ سان آسانيءِ سان ڳنڍجي وڃن. نه ته ٻي صورت ان جو استعمال نه ڪبو.

50. ايف ۽ وي جي هُڪ اندر آخرڀ آيل ايس سرڪل لکي سگهجي ٿو.

51. سڌن اسٽروڪن جي آخر ۾ جنهن پاسي اين جو هڪ لڳائبو آهي، تنهن پاسي جيڪر سرڪل يا لوپ لکبو ته ان جي مراد ٿيندي ته ان ۾ اين ۽ سرڪل يا لوپ وارا آواز شامل آهن.

52. پوري ڊيگهه Full Length واري ڪرو اسٽرڪ سان ڳنڍيل هڪ جي اندر ايس جو سرڪل رڳو زي z جي آواز کي ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪبو.

اڌ ٿيل ڪرو اسٽروڪ سان ڳنڍيل اين اندر سرڪل ٻنهي آوازن يعني سي يا زي کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لڳائي سگهجي ٿو.

53. ڪرو اسٽروڪ کان پوءِ ايندڙ هلڪي آواز nce– کي اسٽروڪ اين ۽ آخري ايس سرڪل سان ظاهر ڪبو.

54. لفظ جي آخر ۾ آيل ايف، وي، يا اين کان پوءِ اگر واول اچي وڃي ته ان کي ڏيکارڻ لاءِ هڪ جو استعمال نه ڪبو پر پورو اسٽروڪ لکبو.

# باب تيرهون

## 55. شن هڪ

آخر وارو وڏو هڪ لفظ جي آخري پد شن shun- کي ظاهر تو ڪري. اهو ڪنيو يا هڪ ڏنگن يعني ڪرو اسٽروڪن جي اندرئين پاسي لکبو آهي.

شن هڪ اندر ايس سرڪل لکي سگهجي ٿو.

جڏهن شن جو پد لفظ جي وچ ۾ آيو هجي، تڏهن اگر سنئو ڳانڍاپو Joining ممڪن هجي ته پلي وڏي هڪ کي وچ تي لکو.

56. جڏهن شن هڪ کي سڌي اسٽروڪ سان لڳايو وڃي، تڏهن انهيءَ هڪ کي اسٽروڪ جي شروعي ۾ لڳل سرڪل يا هڪ جي ابتڙ پاسي تي هٽجي ته جيئن توازن قائم ٿئي.

ايف کي fk، وي کي vk ۽ ايل کي lk کان پوءِ شن هڪ کي ڪرو اسٽروڪ کان پري يعني ابتڙ پاسي لکجي ته جيئن توازن قائم ٿئي.

57. بغير هڪ يا سرڪل وارن يعني سادن ٽيt، ڊي d يا جيj اسٽروڪن جي ساڄي پاسي شن هڪ کي لکيو وڃي.

ٻين سادن اسٽروڪن سان لڳائڻ مهل، آخري واول جي مخالف پاسي تي لکيو وڃي.

58. ايس+شن

جڏهن شن جو هڪ ايس سرڪل يا اين ايس ns کان پوءِ اچي ته ان کي ننڍي ڪرل (سرڪل جو تسلسل (continuation سان ظاهر ڪجي. ايس سرڪل ۽ شن جي وچ ۾ اينڊڙ ٿرڊ پليس واري واول کي ڪرل جي ٻاهرين پاسي لکيو وڃي.

آخري ايس سرڪل کي ڪرل جي اندر لکيو وڃي.

59. جن لفظن جي پڇاڙي uation– يا uition تي ٿئي، تڏهن عام طور اسٽروڪ sh ۽ اين هڪ استعمال ڪيو ويندو آهي.

جنهن اسٽروڪ سان شن جو هڪ ڳنڍيل آهي، تنهن کي آخري ٽي يا ڊي ڏيکارڻ لاءِ اڌ ڪري سگهجي ٿو.

# باب چوڏهون

## 60. ڪمپائونڊ ڪانسونينٽس

پي آر pr ۽ پي ايل pl سيريز وارن ڊبل ڪانسوننٽس کان علاوه ڇهه ٻيا ڪمپائونڊ ڪانسونينٽ آهن: ڪوي kw، گوي GW، ايم پي MP يا ايم بي MB، لر LR، ررRR ، ۽ وهي WH.

جڏهن ايم کان فوري پوءِ پي آر pr، بي آر br، پي ايل pl، بي ايل bl اچن ته ان صورت ۾ ڊبل ڪانسونينٽ استعمال ڪجن.

61. wl ۽ whl

اپورڊ ايل جي شروع ۾ ننڍو شروعاتي هُڪ ڪانسونينٽ وي w کي ظاهر ٿو ڪري. وڏو هڪ ٻن اسٽروڪن wh کي ظاهر ٿو ڪري.

62. اڙي Tick ۽ ڊاٽ ايچ

جڏهن ايچ کي ٻين ڪانسونينٽن سان گڏي لکبو آهي ته مٿي ويندڙ يعني اپورڊ صورت استعمال ڪبي آهي. پر ايچ جڏهن اڪيلو ڪانسونينٽ هجي يا ان کان پوءِ ڪي k يا گي g آيل هجي، ته ان حالت ۾ هيٺ ويندڙ يعني ڊائون ورڊ فارم استعمال ڪبو آهي.

(اي) اڌ ٽيل ايچ اگر اڪيلي هجي ته ان کي اپورڊ فارم ۾ لکيو ويندو آهي.

(بي) جيئن ڏيڪاريل آهي، ننڍي اڙي يعني ٽڪ ايچ کي ظاهر ٿي ڪري جيڪا ايم، ايل ۽ ڊائون ورڊ آر کان لڳل هوندي آهي.

(سي) جتي لفظ جي وچ ۾ آيل ايچ کي اسٽروڪ سان ظاهر ڪرڻ تڪليف ده هجي يا وقت وٺي يعني آڪورڊ awkward لڳي ته اتي ايچ کي هلڪي ٽبڪي يعني ڊاٽ سان ظاهرڪجي. اهو ڊاٽ واول آوازن جي نشانين سان گڏي هڻجي.

63. ڪانسونينٽن کي ڇڏي ڏيڻ omission

(اي) لفظن وچ ۾ جتي ايس سرڪل کان پوءِ ايندڙ ٽي جو آواز هلڪي نموني اچارجي، اتي ان کي لکڻ بجاءِ ڇڏي ڏجي.

(بي) ڪڏهن ڪڏهن ٻيا بہ هلڪي نموني اچارجندڙ ڪانسونينٽ ڇڏيا ويندا آهن يعني نہ لکبا آهن.

# باب پندرهون

## 64. اڌ ڪرڻ Halving وارو اصول

اڌ ڪرڻ واري اصول جا وڌيڪ استعمال بيان ڪجن ٿا.

(اي) ايم ۽ اين کان پوءِ جيڪر ڊي D آيل هجي ته ان جي موجودگي ڏيکارڻ لاءِ انهن ڪانسونينٽن کي اڌ ڪرڻ سان گڏ گهرو به ڪجي.

(ب) ڊائون ورڊ ايل ۽ ڊائون ورڊ آر کي به پوءِ آيل ڊي جي موجودگي ڏيکارڻ لاءِ گهرو ڪري اڌ ڪجي.

65. آخرين ايل ٽي lt، اپورڊ اڌ ٽيل ايل سان ۽ آخري آر ٽي rt کي اپورڊ اڌ ٽيل آر سان عام طورظاهر ڪبو آهي.

66. جڏهن ايل ۽ ڊي يا آر ڊي جي وچ ۾ واول اچي ته ان صورت ۾ مڪمل اسٽروڪ لکيا ويندا.

67. جيئن پئراگراف 35(بي) ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اڌ برابر ڊيگهه وارن اسٽروڪن کي تڏهن پاڻ ۾ نه ڳنڍيو وڃي، جڏهن انهن جي ڊيگهه جي واضح خبر نه پئجي سگهجي. ڊيگهه ۾ تفاوت کي ڏيکارڻ لاءِ، ٽي يا ڊي کان پوءِ اينڊڙ اڌ ٽيل ٽي يا ڊي کي ڏار ڪري لکجي.

68. ڊيگهه وڌائڻ يعني ڊبلنگ Doubling اصول

ڏنگن يعني ڪرو اسٽروڪن کان پوءِ اينڊڙ لفظي پدن Syllables ٽر tr، ڊر dr، يا در THr جي موجودگي ڏيکارڻ لاءِ انهن اسٽروڪن کي ڊيگهه ۾ ٻٽو ڪيو ويندو آهي.

جڏهن اسٽروڪ ايل اڪيلو هجي يا آخر ۾ رڳو ايس سرڪل هجيس ته ان کي صرف ٽر لاءِ ٻٽو ڪبو.

69. سڌن اسٽروڪن کي ٽر، ڊر، يا در جي موجودگي ڏيکارڻ لاءِ فقط تڏهن ٻٽو ڪبو،

(1) جڏهن انهن کان اڳ ڪو ٻيو اسٽروڪ هجي يا انهن جي شروع ۾ سرڪل ايس آيل هجي؛

(2) جڏهن انهن جي آخر ۾ ڊفتانگ يا آخري هڪ ڳنڍيل هجي.

70. ڪن عام لفظن ۾ لفظي پد syllable چر ture- کي به ظاهر ڪرڻ لاءِ ڊبلنگ اصول استعمال ڪبو آهي.

71. زمان ماضي ۾ ڊبلنگ اصول استعمال نه ڪبو.

72. ايم پي، ايم بي کي پويان اينڊڙ آر کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻٽو ڪبو آهي.

نگ ng اسٽروڪ کي آخري ڪر kr يا گر gr جي موجودگي ڏيکارڻ لاءِ ٻٽو يعني ڊبل ڪبو آهي.

ياد رهي ته اهي ٻٽي ڊيگهه واريون صورتون تڏهن استعمال ڪبيون آهن، جڏهن اهي هڪ واري صورت جي ڀيٽ ۾ لکڻ وڌيڪ آسان هجن.

# باب سورهون

## 73. لفظن جا شروعاتي عام حصا يعني پري فڪسز Prefixes

(اي) جيئن ڏيکاريو ويو آهي، پري فڪس -con، يا -com کي آئوٽ لائين جي مهاڙ يا شروع ۾ ٽبڪي يعني ڊاٽ ذريعي ظاهر ڪبو آهي. جن لفظن جي شروع ۾ اهو پريفڪس ڊاٽ لڳايل هوندو آهي، تن ۾ پريفڪس کان پوءِ ايندڙ واول پوزيشن مقرر ڪندو آهي.

(بي) جڏهن -con، -com، -cum، يا -cog، لفظن يا فريز Phrase جي وچ ۾ ايندا آهن ته انهن کي ٻه اسٽروڪ ڏار ڏار پر ويجها ڪري لکي ظاهر ڪبو آهي.

74. (اي) پري فڪس -Accom يا -accomo کي ڏار ٽيل يا ڳنڍي لکيل ڪي k واري اسٽروڪ سان ظاهر ڪبو آهي. (انهن لفظن جي پوزيشن هميشه پهرئين يعني لائين کان مٿي رهندي آهي.)

(بي) پري فڪس -Intro کي اين ٽي آر ntr يعني ٻٽي ڪيل اسٽروڪ اين سان ظاهر ڪبو آهي ۽ انهن لفظن جي ٽرڊ پوزيشن معنيٰ قطار وچان يعني ٽرو ڏ لائين رهندي.

(سي) پري فڪسز -magna، -magni يا -magne کي ڏار ٽيل ايم اسٽروڪ سان ظاهر ڪبو آهي. (انهن لفظن جي پوزيشن پهرئين يعني لائين کان مٿي رهندي.)

75. (اي) پري فڪس -self کي ڏار ٽيل ايس سرڪل سان ۽ self-con کي ڊاٽ جي جاءِ تي سرڪل هٽي ظاهر ڪبو آهي.

(بي) پري فڪس -Trans کي ان ۾ آيل اين کي ڇڏي باقي آوازن کي لکڻ سان يعني گهٽائي يا تخفيف ڪري ظاهر ڪبو آهي.

(سي) ايس ٽي آر str، ايس ڪي آر skr ۽ اپورڊ ايچ کان اڳ آيل -In کي ننڍي ڪنڊي يعني هڪ سان ظاهر ڪبو، جيڪو سرڪل واري رخ ۾ لکبو آهي.

(ڊي) ناڪاري يعني نگيٽو لفظ. جڏهن پري فڪس -In، نات يعني اڻ يا اَ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ته ان کي هميشه اين اسٽروڪ سان ظاهر ڪبو آهي.

ٻين ناڪاري لفظن کي هاڪاري لفظن کان ائين ممتاز ڪبو، جو انهن جو پهريون ڪانسونينٽ ناڪاري لفظن ۾ ورجائبو يعني ريپيٽ ڪبو.

76. لفظن جون عام پڇاڙيون Suffixes ۽ لفظ پڇاڙيون

جڏهن نگ ng وارو اسٽروڪ لکڻ تڪليف ده يعني آڪورڊ هجي ته اتي لفظن جي عام پڇاڙي يعني سفڪس -ing کي هلڪي ٽبڪي يعني ڊاٽ سان ظاهر ڪبو.

ڊاٽ ing– کي ڊائون ورڊ آر ۽ هلڪن سڌن هيٺ ويندڙن يعني اسٽريٽ ڊائون اسٽروڪن کان پوءِ استعمال ڪبو آهي.

عام طور شارٽ فارمن کان پوءِ ڊاٽ ing– کي ڪم ۾ آڻبو آهي.

جتي ing– کي ڊاٽ سان لکبو آهي، اتي جمع يعني پلورل ings– کي هلڪي ليڪ يعني ڊئش سان ظاهر ڪبو، جيئن مثالي لفظن ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

77. سفڪس ment– کي ان وقت اين ٽي nt يعني اڌ ٽيل اين اسٽروڪ سان ظاهر ڪبو آهي، جڏهن ايم اين ٽي mnt يعني اڌ ٽيل آخري اين هڪ واري ايم کي ڳنڍڻ آسان نہ هجي.

(اي) سفڪس mental-ly-ity– کي ڏار ٽيل ايم اين ٽي يعني اڌ ٽيل آخري اين هڪ واري ايم سان ظاهر ڪبو آهي.

(بي) لفظ پوياڙين يا پڇاڙين fullness– ۽ -lessness کي ترتيبوار ڏار ٽيل ايف ايس fs ۽ ايل ايس ls سان ظاهر ڪبو آهي.

(سي) سفڪس ship– کي ڳنڍيل يا ڏار ٽيل disjoined ش sh اسٽروڪ سان ظاهر ڪبو آهي.

(ڊي) سفڪس -lity يا rity– جڏهن ڪنهن واول بعد اچن تہ انهن کي ڪانئن اڳ آيل اسٽروڪ کي ڏار لکي ظاهر ڪبو آهي. (مثالي لفظن کي غور سان ڏسي ڪاپي ڪريو.)

(اي) لفظي پوياڙين يا پڇاڙين logical-ly– کي ڏار ٽيل جي j واري اسٽروڪ سان ظاهر ڪبو آهي.

(ايف) لفظ پڇاڙين ward– ۽ -yard کي ترتيبوار اڌ ٽيل وي v يا يي y واري اسٽروڪ سان ظاهر ڪبو آهي.

(جي) سفڪس ly– کي ڪڏهن اسٽروڪ ايل سان (پر جي ضروري هجي تہ ڏار لکي بہ) ۽ ڪڏهن ڪنڊي يعني هڪ لڳل صورت ۾ ظاهر ڪبو آهي.

# باب سترهون

78. ڊائفونز Diphones

ٻہ لڳاتار اينڊڙ پر علحده علحده پدن syllables ۾ اچارجندڙ واولن کي ڪنڊائتي نشانين Angular signs سان ظاهر ڪبو آهي. انهن نشانين کي ڊائفونز سڏيو وڃي ٿو.

پهرئين نشاني ڊاٽ واول ۽ ڪنهن ٻئي واول کي، ۽ ٻي نشاني ڊئش واول ۽ ڪنهن ٻي واول کي ظاهر ڪري ٿي. اهي نشانيون لفظ ۾ آيل پهرئين واول جي جاءِ تي لڳايون وينديون آهن.

79. Question جهڙن لفظن ۾ لڳاتار اينڊڙ واولن کي پهرئين نشاني سان، جيئن ڏيکاريو ويو آهي، ظاهر ڪبو آهي.

80. وچ واري وي w

لفظن جو هڪڙو ننڍو گروهہ آهي، جن جي وچ ۾ وي w ڪنهن واول ساڻ استعمال ٿيل هوندو آهي. ان وي يعني ڊبليو کي اڌ گول يعني سيمي سرڪل سان ظاهر ڪبو آهي تہ جيئن ننڍڙو يا آسان آئوٽ لائين حاصل ٿئي. ليفٽ سيمي سرڪل ان ڊبليو کي ظاهر ڪندو آهي، جنهن کان پوءِ ڊاٽ واول آيل هوندو آهي، جڏهن تہ رائيٽ سيمي سرڪل ڊئش واول کان اڳ آيل ڊبليو کي ظاهر ڪندو آهي. سيمي سرڪل ان جاءِ تي لڳائبو آهي، جتي ڊبليو سان ڳنڍيل واول آيو هوندو آهي.

81. اپورڊ ش SH

اسٽروڪ ش کي ڪن حالتن ۾ سني آئوٽ لائين حاصل ڪرڻ لاءِ اپورڊ يعني مٿي ڏانهن ڪري لکبو آهي.

82. اسٽروڪ آر

آئوٽ لائين کي لکت واري قطار جي ويجهو رکڻ واسطي، جڏهن ٻن ڊائون ورڊ اسٽروڪن کان پوءِ آر ايندي آهي تہ ان کي اپورڊ آر سان ظاهر ڪبو آهي. ساڳئي نموني جڏهن ٻن سڌن اپ اسٽروڪن کان پوءِ آر ايندي آهي تہ ان کي ڊائون ورڊ آر سان ظاهر ڪبو آهي.

83. اسٽروڪ ايس

(اي) اسٽروڪ ايس جو استعمال تڏهن ڪيو ويندو آهي، جڏهن (1) سائنس Science، سائينٽيفڪ Scientific، سائنگ Sighing، سيام Siam جهڙن لفظن ۾ جتي شروعاتي ايس کان پوءِ فوري طور ٽرائيفون ايندو آهي، ۽ (بي) ڪنٽينيوئس Continuous، فيٽيوئس Fatuous، اسٽرينيوئس Strenuous، پائيئس Pious جهڙن لفظن ۾، جتي آخري پد ous— کان اڳ ڊفٿانگ آيل هوندو آهي.

# باب ارڙهون

84. انگ Figures

جڏهن انگ ون one ڪان وني seven تائين ۽ nine اڪيلا استعمال ٿيل هوندا آهن، تڏهن انهن ڪي شارٽ هئنڊ آئوٽ لائين سان بهتر نموني ظاهر ڪري سگهبو آهي. ٻڌن يعني رائونڊ انگن ڪان علاوه ٻين انگن ڪي رواجي عربي نموني ۾ ظاهر ڪبو آهي. ٻڌن يعني رائونڊ انگن ڪي مثالن ۾ ڊيڪاريل نموني ظاهر ڪبو آهي.

85. ڪمپائونڊ لفظ

هيئر here، ديئر there، ويئر where اڪثر ڪجھ ٻين لفظن سان گڏجي استعمال ٿيندا آهن، تن جي ڊيڪاريل مثالن تحت مشق ڪريو.

86. انٽرسيڪشنز Intersections

بار بار استعمال ٿيندڙ فريزن phrases ڪي تيزي سان لکڻ لاءِ هڪڙو اهم حربو اهو آهي ته هڪڙي اسٽروڪ ڪي ٻي اسٽروڪ جي وچان يعني انٽرسيڪٽ ڪري لکيو ويندو آهي.

اهو حربو خصوصي ضرورتن موجب بدلائي به سگهجي ٿو. جيئن ڪن ليکڪن لاءِ اسٽروڪ پي p لفظ پارٽي ڪي ظاهر ڪندو آهي، جڏهن ته انشورنس آفيس ۾ اسٽروڪ پي لفظ پاليسي ڪي بهتر نموني ظاهر ڪري سگهي ٿو. جتي انٽرسيڪشن، پرئڪٽيڪل (عمل جوڳو) نه هجي اتي هڪڙي اسٽروڪ ڪي ٻي سان ويجهو ڪري لکو. ڏنل مثالن ڪي چڱي نموني ڪاپي ڪري لکو.

## شارٽ فارم

لسٽ ون

هن فهرست ۾ ڪتاب اندر آيل شارٽ فارمن ڪي الف بي وار ڪري لکيو ويو آهي. ڏنگين ۾ ڏنل انگ باب جي نمبر ڪي ظاهر ڪري ٿو. صلاح آهي ته انهن ڪي بار بار لکندا رهو.

لسٽ ٽو

هن لسٽ ۾ انهن عام لفظن جا شارٽ فارم ڏنل آهن، جيڪي هن ڪتاب ۾ ڪم آندا ويا آهن. هن فهرست ڪي چڱي طرح ڪاپي ڪري وٺو

لسٽ ٿري

هن لسٽ ۾ ڏنل شارٽ فارم ڏهن هزارن عام لفظن جي فهرست ۾ شامل نه آهن. موقعو ملي ته انهن ڪي ڪاپي ڪري وٺو.

10 ۽ 11مارچ 2007

19مارچ 2007

# پورو ٿيو.